1. ريحانہ ملاح
2. حسين مسرت شاهہ

# موروءَ نڙ بيت ۾ موضوعاتي هڪجهڙائيءَ جو تحقيقي جائزو

## The thematic overlaps between Moro and Narr poetry

***Abstract:***

*Folk literature is emblematic of human expression. It encompasses our primal, intellectual and artistic tendencies. As a thriving and living form of literature, folk literature never seems to age and remains relevant throughout the ages. Folk poetry for instance, can also be a good measure of the community's cultural milieu and socio-political mindset. Folk poetry seems to revolve around common themes of our collective passions, suffering, feelings and anxieties. In particular, Moro, is a particularly interesting variety of folk poetry which deals with love, longing and suffering for the beloved. It can be sung solo or collectively. The variety seems to have originated from Kohistan region of Sindh. On the other hand, Narr variety is common in East Asia and Turkey. In Pakistan, its more prevalent in Sindh and Balochistan. Moro and Narr both have overlapping themes and ideologies. For example, both Morro.*

لوڪ ادب جو تعلق سڌو سنئون عام انساني معاشري سان آهي، لوڪ ادب انسان جي فڪري ڏاهپ، جذبن، احساسن جي ترجماني ڪندڙ آهي. لوڪ ادب جي جُڙت ۾ ڪنهن بہ مخصوص ٽيڪنڪ ۽ نظريي جو اثر نہ آهي پر لوڪ ادب جي تخليق انسان پنهنجي ذهني تسڪين لاءِ ڪئي، جنهن جو مقصد وندر ۽ تفريح سان گڏوگڏ مثبت ۽ منفي نفسياتي رجحانن ۽ لاڙن جو فروغ پڻ ٿي نظر اچي ٿو. خالص نج انساني جذبا لوڪ ادب وسيلي بيان ڪيل هوندا آهن.

اهو ئي سبب آهي جو لوڪ ادب کي عام ماڻهو يا عوام جو ادب چيو ويجي ٿو. انگريزي ٻولي ۾ هن کي فوڪ Folk ۽ جرمني ۾ ووڪ Volk بہ چيو ويجي ٿو. ان لاءِ فوڪ لٽريچر Folk Literature فوڪ لوريا هڪ ٻيو لفظ Oral Tradition بہ استعمال ٿئي ٿو.

فوڪ معنيٰ "عام ماڻهو" جرمني ۾ فوڪ لفظ جي بدران وري Volk (ووڪ) لفظ ڪتب اچي ٿو، جنهن جي معنيٰ ساڳي فوڪ واري آهي.

لوڪ ادب ڪڏهن شروع ٿيو، ان لاءِ ڊاڪٽر سنجوڪ جو چوڻ آهي تہ،

It is older than literature older than alphabet, it is lore and belongs to the illiterate (1)

1846ع ۾ وليم ٿامس The Athenaeum ۾ ڪالم لکيو، جنهن ۾ اهو لفظ "فوڪ لور" جنهن ۾ فوڪ سان گڏ لور Lore (To learn) جيڪو انگريزي لفظ learned مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "سکڻ". انسائيڪلوپيڊيا برٽينڪا مطابق The traditions and Customer of the Common People بهرحال Folk Literature يا Folk Lore جي معنيٰ اهائي ساڳي نڪري ٿي تہ "عام ماڻهوءَ جو ادب".(2)

ڊاڪٽر الانا صاحب ان حوالي سان لکي ٿو تہ ”لوڪ ادب معنيٰ عوام جو ادب يعني جو لوڪ جو ادب سو ملڪ جو ادب. لوڪ لفظ جي انگريزي جي Folk جرمني جي Volk جي جيئن جو تيئن معنيٰ تہ ڪونهي، پر گهڻي قدر ان جو مفهوم ادا ڪري ٿو. فوڪ لور Folklore بہ ساڳي قسم جو لفظ آهي ۽ اهو اصطلاح وليم ٿامس 1846ع ۾ ايجاد ڪيو. لوڪ ادب مان مراد آهي، عام ماڻهن جو ادب يعني اهو ادب جو تصنع، هٺ ناٽ ۽ جڙتو ڪاريگريءَ کان صاف هجي. يعني لوڪ ادب عوام جو ادب آهي، جنهن ۾ عوام جو شعور آهي. نہ صرف لوڪ ادب روح کي راحت بخشي ٿو بلڪ انهيءَ سان گڏ ڏاهپ ۽ نصيحت پريل ٻولي بہ ٻڌائي ٿو.“ (3)

## لوڪ ادب جي وصف

انسائيڪلوپيڊيا يا برٽينڪا مطابق The Folk Literature is also called folk lore or oral traditional. it is a record of customs out tradition of any culture have not written in the language. (4)

انسائيڪلوپيڊيا آف آمريڪا مطابق ” لوڪ ادب جي وصف هن طرح واضح ڪئي وئي آهي تہ هي اهو علم آهي جو عام ماڻهن جي قديم مانتائن، ريتن رسمن، پرمن وهمن، قديم روايتن، اعتقادن تي مشتمل هجي.“(5)

جڏهن تہ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ان بابت راءِ هي آهي تہ ” لوڪ ادب کي بعينہ فوڪ لور(Folk lore) جي مغربي مفهوم سان تعبير ڪرڻ صحيح نہ ٿيندو.“ (6)

ڊاڪٽرعبدالڪريم سنديلي چواڻي تہ ” لوڪ ادب احساسن، اڌمن، خيالن ۽ خوابن وغيره جي اها پونجي آهي، جنهن جا تخليقڪار سادا سودا انسان آهن.“ (7)

اهي پراڻا تاريخي قصا، يا پراڻن ماڻهن يا پراڻن ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي يا ماضي جي وقت جا اثرات آهن، جن جو ذائقو اسان کي لوڪ ادب مان ملي ٿو. لوڪ ادب عوامي آهي، پر ان کي ماڻهن اڳيان نروار ڪرڻ ڏاهن جو ڪم آهي.

مختلف ڏيهي ۽ پرڏيهي اديبن يا محققن جا ان بابت مختلف خيال ۽ رايا ملن ٿا. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي مطابق تہ ” لوڪ اصل سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آهي، جيڪو بعد ۾ سنڌي ۾ آيو. جنهن جي معنيٰ آهي سماج، جهان ۽ عام عوام وغيره. (8)

لوڪ ادب ۾ عوام جي احساسن ۽ محرومين، ڏکن ۽ مايوسين توڙي خوشين، امنگن ۽ چاهتن جو رس پريل هوندو آهي، لوڪ ادب کي ائين ڪٺي چئجي تہ اهو عوام جي جذبن ۽ احساسن جو سرچشمو آهي.

جرمني جي مؤرخ ڊاڪٽر جاهن گٽفي Johann Gottfi جنهن ارڙهين صدي ۾ اهو واضح ڪيو تہ ”ڪنهن بہ قوم جي ادب جو بنياد عوام جي تخليق ۾ آهي“. (9)

اها حقيقت آهي تہ جڏهن عوام جا احساس پاڻ ۾ ملندا آهن تڏهن ڪنهن موضوع جو روپ وٺندا آهن.

انهن مٿين ڳالهين کي نظر ۾ رکندي چئي سگهجي ٿو تہ هي ادب عوام جو گڏيل ورثو آهي، جنهن ۾ سماج جون سيئي ريتون، رسمون، طورطريقا، سونهن، سينگار، ڏک، درد جون ڪهاڻيون، وڇوڙي ۽ ورلاپ جا گيت ۽ وصال جا ڳيچ وغيره شامل آهن.

## لوڪ ادب جي تاريخ

لوڪ ادب ڪڏهن سرجيوويو؟ شايد تڏهن کان جڏهن انسان جنم ورتو يا جڏهن انسان ڳالهائڻ سکيو! يعني اهو ٻولي ۽ آئيوٽا کان بہ اڳ ۾ پيدا ٿيو آهي، معنيٰ هن جي تاريخ اوتري ئي قديم آهي، جيتري بني نوع جي ڌرتي تي جنم وٺڻ جي تاريخ قديم آهي. ائين بہ چيو وڃي ٿو تہ جڏهن انسان پهريون پيرو ڳايو، گنگنايو يا جڏهن ٻار کي ماءُ پهريون پيرو ننڊ ڪرائي هوندي ۽ جهونگاريو هوندو تہ اهو آواز جيڪو لولي جي صورت ۾ ٻار ٻڌو اها بہ شروعات ٿي سگهي ٿي، ان ڪري ئي هن کي زباني ادب بہ ڪوٺيو وڃي ٿو. چاڪاڻ تہ هي پيڙهي در پيڙهي نسل در نسل زباني سفر ذريعي اڳتي وڌيو آهي. ڊاڪٽر سنديلي مطابق ”لوڪ ادب، پلر جي صاف پاڻي مثل آهي. جيئن پلر جي پالوٽ سبباں، ٺڪر تي ڪرنڊڙ پاڻي تيزيءَ سان هيناهينءَ تي هلندي، واٽ وارن ورن وڪڙن سان ٽڪرندي، گڙگڙ عجيب آواز ڪيندي هيٺ ايندو آهي، تيئن لوڪ ادب بہ عوام جي دلين مان نڪرندي، خيالن جي مختلف منزلن تي ايندي عجيب و غريب الفاظ ڪڻندي، تشبيهون ۽ استعارا آڻيندي ظاهر ٿئي ٿو. اهي الفاظ، اهي اصطلاح، اهي تشبيهون، اهي استعارا طلسم جو ڪم ڏين ٿا“. (10)

چارسؤ قبل مسيح ۾ سميري تهذيب ۾ ڪجهہ اهڙيون لکٽيون ملن ٿيون، جيڪي پهرين زباني روايتن تي مشتمل هيون ۽ اهي پٿرن تي لکيل مليون آهن. بعد ۾ جڏهن مصر ۾ لکت جو جڏهن رواج پيو، تہ پوءِ لوڪ ادب کي بہ محفوظ ڪيو ويو. سڀ کان پراڻو لوڪ ادب عربن جي دور ۾ ملي ٿو. بقول الله بخش نظاماڻي تہ جيتري قدرمعلوم ٿي سگهيو آهي، تنهن مان ڏسجي ٿو تہ عربن جو لوڪ ادب سڀ کان پراڻو آهي، عربن جي قديم زبان توڙي لکت واري عوامي ادب جو زمانو 500 کان 632 وارو آهي. ان ڪانپوءِ روم يونان هيروڊش لوي جو ڪم ملي ٿو. جرمني ۾ فلپ اسٽئي ايڊورڊ هيلر جو ڪم ملي ٿو، جتي اتان جي تهذيب ۽ ثقافت تي ڪتاب لکيا ان ڪانپوءِ لوڪ ادب جو مشهور تاريخي ڪتاب ”The Antiquities Common People“ جيڪو 1946ع ۾ فرانس ۾ لکيو ويو.“ (11)

لوڪ ادب گهڻو ڪري اڳ پرين جي ڪهاڻين، ڏند ڪٿائن، جنن، ڀوتن ۽ ديون جي قصن تي مشتمل هو، پوءِ جيئن جيئن انسان شعور جون سرحدون طئي ڪندو ويو تيئن ان جي سوچ ۾ تبديلي ايندي ويئي، لوڪ ادب ۾ جنهن جو اظهارموجود نظراچي ٿو.

لوڪ ادب ۾ نثرهجي يا شاعري اها ڪڏهن بہ پراڻي ناهي ٿيندي. خاص طور تي لوڪ شاعري جيڪا ڪنهن بہ قوم جي مجموعي شعورجي سڄاڻپ هوندي آهي، قومن جي تهذيب، تمدن ۽ ثقافت جا اهڃاڻ لوڪ شاعري مان ليا پائيندا نظرايندا آهن. سماج ۾ مروج ريتون رسمون هر قوم کي ٻئي قوم کان الڳ سڃاڻپ ڏينديون آهن ۽ انهن جو اوائلي ذڪر لوڪ گيتن مان ئي ملي ٿو. جن ۾ شادين کان وٺي مرڻي تائين انساني زندگيءَ جي هرمرحلي، هرتبديليءَ کي لوڪ گيتن وسيلي نروار ڪيو ويندو آهي.

ماءُ جا احساس هجن، زال جي پنهنجي مڙس لاءِ اڪيرهجي يا محبوبہ جي محبوب لاءِ تڙپ ۽ اداسي هجي. ڌيءَ کي پنهنجي پرديسي مائٽن لاءِ يادگيري هجي، يا وري ڀيڻ جي ڀاءُ لاءِ سڪ هجي مطلب تہ هر جذبي هر رشتي لاءِ لوڪ گيتن ۾ مختلف صنفون رچيل آهن. سنڌ جي

ڏرتيءَ جي هرعلائقي ۾ گيتن يا ڳيچن جون مختلف صنفون مروج آهن. جنهن جو اظهار لوڪ شاعري ۾ ملي ٿو پوءِ اهو اظهارماءُ جي ٻار لاءِ ڳايل لولي هجي يا وري محبوب جي وڇوڙي لاءِ ورلاپ ڪندي رچيل مورو هجي مطلب تہ لوڪ ادب ۾ لوڪ شاعري عام ماڻهن جي سادن سودن جذبن جو ڀرپوراظهارهوندي آهي.

يعني لوڪ شاعري اهڙي تحرير يا لکڻي کي چيو وڃي ٿو جنهن ۾ هن سماج جو عڪس سمايل هجي يعني سماج ۾ رهندڙ ماڻهن جي ريتن رسمن، اهنجن خوشين ۽ سورن جو مواد شامل هجي.

## لوڪ ادب جي اهميت

لوڪ ادب جي اهميت بابت هرمحقق پنهنجي تحقيق ۽ مشاهدي مطابق مختلف خيال پيش ڪيا آهن. دنيا ۾ هر شيءِ جو ڪونہ ڪو ڪارج يا اهميت هوندي آهي اهڙي ريت لوڪ ادب جي ڪارج يا اهميت بابت تاريخ تي نظرثاني ڪبي تہ لوڪ ادب دنيا جي سڀني معياري ٻولين ۾ ڪثرت سان نظر ايندو. جرمني، انگريزي، بنگالي، سنسڪرت ۽ پراڪرت ٻولين ۾ ان جوچڱو ذڪر ملي ٿو. لوڪ ادب جي اهميت کي شيخ اياز پنهنجي هڪ تقرير۾ هن طرح بيان ڪري ٿو تہ "روس ۾ جڏهن انقلاب ڪانپوءِ اسٽالن اقتدار ۾ آيو تہ هن فرمان جاري ڪيو تہ ٻئي ساري روسي ادب کي ريٽي، روسي لوڪ ادب تي توجهہ ڏنو وڃي، ڇوتہ لوڪ ادب ئي صحيح معني ۾ عوامي ادب آهي." (12)

لوڪ ادب جي اهميت ان ڪري بہ گهڻي آهي جو اهو سماج جي ماضيءَ جو آئينو حال ۽ مستقبل جو عڪاس هوندوآهي، جنهن ۾ اسان گذريل دؤر جي تاريخ، تهذيب، اٿڻي ويهڻي، ريتن رسمن کي ڄاڻي ۽ پروڙي سگهون ٿا. لوڪ ادب جي اهميت ان ڪري بہ آهي جو اهو اسان جي سماج ۾ ائين سمايل آهي جيئن گلن ۾ خوشبو سمايل هوندي آهي ۽ اهو ائين ئي خوشبو وانگر سفر ڪندو نسل درنسل زباني توڙي روايتن ذريعي هر سماج هر قوم جي ماڻهن جو قيمتي اثاثو رهيو آهي، جنهن مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ لوڪ ادب مجموعي طورتي سماج ۾ رهندڙ عام ماڻهن جي نفسيات جو آئينو آهي، جنهن ۾ عام ماڻهن جي ڏکن، سکن، خوشين ۽ وڇوڙن جو ورلاپ ملي ٿو. يعني لوڪ ادب ڪنهن بہ سماج ۾ وسندڙ عام انسانن جي خيالن، احساسن، جذبن، خوابن، خواهشن ۽ اڌمن جو ڪليو اظهارهوندو آهي، جيڪو صدين تائين اهي عام ماڻهو ساهہ ۾ سانديو اچن ٿا. بقول رائچند چيلهار" درحقيقت لوڪ ادب ملڪ جي ٻولي ۽ ادب جو بنياد آهي، ٻهراڙي جي سگهڙن وٽ اڪيچار بي بها خزانا موجود آهن ۽ اهي پشت بہ پشت سيني ۾ سانديندا آيا آهن".(13)

انهن عام ماڻهن کي سگهڙ ڪوٺيو ويو آهي. سگهڙمرد توڙي عورت بہ ٿي سگهي ٿي. جيئن تہ مٿي بيان ڪري آيا آهيون تہ دنيا ۾ لوڪ ادب کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي، هڪ نثر ٻيو نظم، نثر ۾ ڪهاڻيون، قصا ۽ داستان وغيره اچي وڃن ٿا ۽ نظم ۾ وري ڏور، ڏهس، سينگار، دراهو هنر، پرولي، ڳجهارت، پنجڪا ۽ ٻيا لوڪ گيت اچي وڃن ٿا.

گمان غالب آهي تہ لوڪ ادب پوءِ اهو چاهي نثر هجي يا شاعري ان جي تخليق پهرين پهرين عورتن هٿان ٿي هوندي، ڇاڪاڻ تہ جڏهن سندن مرد شڪار يا ڪمائي واسطي ٻاهر ويندا هوندا تڏهن هو(عورتون) انهيءَ غم ۽ فراق ۾ وڇوڙي جا ورلاپ ڪنديون هيون يا وري جڏهن گهر ۾ سندن سس يا ڏير هنن جي مٿان سختي ڪندا هئا تہ هو ان جي دانهن بہ گيتن ذريعي ڪنديون

هيون، گهرن جون جھونيون عورتون ڏاڏيون يا نانيون ٻارن کي رات جو اهي قصا ۽ ڪهاڻيون ٻڌائينديون هيون. ائين لوڪ ادب انهن عام ماڻهن ذريعي وڌندو ويجهندو رهيو ۽ جڏهن ڪتابن جي زينت بنيو تڏهن هي اجا وڌيڪ مقبول ٿيو.

ائين لوڪ ادب دنيا جي ڪُنڊ ڪڙڇ ۾ وڌندو ويجهندو رهيو. اڄ بہ ارتقا جي سفر ۾ روا دوان آهي، سنڌي ادب ۾ لوڪ ادب جي لکت ۾ شروعات سومرن جي دؤر کان ملي ٿي، جنهن ۾ مرڪان شيخڻ جا ڳيچ بہ شامل آهن.

لوڪ ادب سادو بہ آهي تہ مشڪل بہ. سادو ان ڪري جو اهو عام ماڻهن جي اظهار جو ذريعو آهي ۽ مشڪل ان ڪري جو ان ۾ ڪيتريون ئي ڏاهپ جون رمزون لڪل هونديون آهن. جن کي ڪو سگهڙ ئي پروڙي سگهي ٿو. مثال ڳجهارت يا ڏور يا هنر هنن صفتن ۾ معنيٰ جا خزانا سمايل هوندا آهن.

شري پياري لعل شرنگارشاستر ۾ لکي ٿو تہ ”لوڪ ادب پراچين ڪال کان هلندو اچي ٿو. لوڪ سنڌي نج لفظ آهي، اهو لفظ سومرن جي دور ۾ پير صدرالدين جي ڪلام ۾ پهرين ملي ٿو.“ (14) لوڪ لفظ اسان کي ڪلاسيڪل شاعرن جي شاعري ۾ بہ ملي ٿو. سومرن جي دؤر کان وٺي پير صدرالدين، قاضي قادن، شاهہ عبدالڪريم بلڙي وارو، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي بہ پنهنجي شاعري جي صنفن ۾ شامل ڪيو آهي.

**مثال طور:**

ڪاپائتين ڪتيو جڏهن ستو لوڪ (پير صدرالدين )
لوڪان نحو صرف، من مطالع سپرين( قاضي قادن)
شاهہ عبدالڪريم بلڙي واري جي شاعري ۾ بہ اهو لفظ هن طرح ملي ٿو.
هيئڻون ڏجي حبيب کي، لڱ گڏجن لوڪ
تاڙي جي لاهين، تہ اجارو لوڪ ٿئي.( شاهہ عبدالڪريم)
لوئيون سهن لوڪ جا، وهاٽي سي ويڻ
لاٽي وجهان لوڪ، تون ڪهڙي اڪر آهڙي ( شاهہ عبداللطيف ڀٽائي)

لوڪ ادب ۾ جتي نثر ۾ قصا، ڪهاڻيون، ڳجهارتون، هُنر، ڳاهن سان ڳالهيون، پهاڪا ۽ چوڻيون ملن ٿيون، اتي لوڪ شاعري ۾ وري ٽيهہ اکريون، سينگار، جنگ نامہ، بيت ۽ لوڪ گيت پڻ ملن ٿا، جنهن جو تعلق گهڻي ڀاڱي ٽر سان آهي. ٽر لوڪ گيتن جي ڪهڪشان آهي، جنهن ۾ هر قسم، هر ماحول، هر ڪيفيت ۽ هر احساس سان سلهاڙيل گيت چيل آهن. ٽر ڪانسواءِ ٻين ڀاڱن جا پڻ گيت لوڪ شاعريءَ ۾ مشهور آهن.

ٿرجي ماڻهن لاءِ مينهن، مور ۽ مهمان ٽي اهڙيون شيون آهن. جن ڪانسواءِ ٿري لوڪ شاعري رچي نٿي سگهجي. مينهن سان لاڳاپيل صنفون ساوڻ ٽريج، بادليو ورسارو، چوماسو ۽ همرچو وغيره. ان ڪانسواءِ ٿري ماڻهو جيئن تہ مينهن نہ وسڻ ڪري شهر ڪمائڻ هليا ويندا آهن تہ سندن ونيون ڏک ۽ درد ۾ گيت جهونگارينديون آهن جيئن. مورو.

لوڪ شاعريءَ جي ڪجهہ صنفن ۾ موضوعاتي هڪ جهڙائي هوندي آهي، تہ ڪٿي وري فني گهاڙيٽي ۾ بہ هڪجهڙايون هونديون آهن. هن تحقيقي مقالي جو موضوع موري ۽ نڙ بيت جي

موضوعاتي هڪجهڙائين جي چند ڇاڻ ڪرڻ آهي. ان ڪري انهن ٻن صنفن تي تفصيلي بحث ڪيل آهي. ڏٺو وڃي تہ لوڪ گيتن ۾ جيڪي گيت جدائي ۽ محبت جي اظهارلاءِ چيل آهن. انهن ۾ مورو ۽ نڙ بيت نمايان آهن .

اسان جي لوڪ شاعريءَ ۾ اجتماعيت جوتصور گهڻوآهي. اڪثر گيت گڏجي ڳايا ويندا آهن ڇو ته انهن جا سرجڻهار ڪو هڪ نہ هوندو آهي، پرلوڪ گيتن جا سرجڻهار هڪ کان وڌيڪ هوندا آهن. ڪا سٽ هڪ ڄڻو چوندو آهي تہ وراڻي ڪو ٻيو ڏيندو آهي. ڪچهري هجي، خوشيءَ جو ڪاج هجي يا غمي جي مهل هجي، محبوب جي ملڻ جي آس يا انتظار هجي هر موقعي ۽ مهل جي مناسبت سان گيت رچيا ويندا آهن. مطلب تہ اهي لوڪ گيت گهڻي ڀاڱي عام ماڻهن جي جذبن، امنگن، ڏکن سکن ۽ احساسن جا ترجمان آهن. بقول ڊاڪٽرفياض لطيف ”لوڪ گيت انسان جي سچن پچن جذبن، احساسن، ڪيفيتن، پيار، پورهئي، محبت، وصل، جدائي، قرار، بي قراري، واعدن، وفائن، بيوفائين، آزين، نيازين، ماڻن، ناڻن، نازن، نخرن، ادائن، قدرتي منظرن ۽ مظهرن جو اهڙو منظر نامو آهن، جيڪي هر تصنع ۽ تڪلف کان آجا ۽ آزاد هوندا آهن .“ (15)

لوڪ گيت موري جو موضوع محبت، اڪير، سڪ ۽ جدائيءَ جي پيڙا بيان ڪرڻ سان تعلق رکي ٿو.جهڙي طرح خوشيون گڏجي ملهايون ونديون آهن ساڳي ريت، سنڌي سماج ۾ ڏک جي گهڙين ۾ پڻ هڪ ٻئي جو ساٿ ڏيڻ جي روايت موجود آهي. اها ساڳي صورتحال موري ۾ پڻ محسوس ٿئي ٿي. مورو بہ گڏجي ڳايو ويندو آهي. مورو جي ٻولي عورتاڻي آهي. گهرجي ڪمن ڪارين دوران يا وري ٻني ٻاري ۾ ڪم دوران هڪ عورت مورو چئي، پنهنجي وڇڙيلن کي ياد ڪري ٿي تہ ٻيون عورتون بہ ان سان شامل ٿي وڃن ٿيون. اهڙيءَ طرح اها رچنا اجتماعي شڪل اختيار ڪري وٺي ٿي .

لوڪ شاعريءَ ۾ مورو ۽ نڙ بيت جي صنفن ۾ موضوعاتي هڪ جهڙائيءَ آهي. حالانڪہ انهن جو تعلق مختلف علائقن سان آهي .

’مورو‘ جو موضوع محبت آهي، محبوب جي اڪير، انتظار، حب، چڪ، ملاقات جو شوق، وڇوڙي جو درد وغيره موري جا خاص موضوع آهن. مورو سڀ کان پهرين ڪنهن چيو يا ڳايو ان بابت ڊاڪٽر بلوچ جي اها راءِ آهي تہ ”پهريون مورو غالبن ڪنهن عورت چيو جا دور دراز پنڌ تي پرڻجي وئي ماٽتن ۽ وطن کان وڇوڙي سبب التجا طور تي هي ٿي چيائين.“ (16)

مورو لوڪ ادب جي مشهور صنف ۾ ڳڻيو وڃي ٿو. موري بابت مختلف محققن جا مختلف رايا ملن ٿا. ڊاڪٽر فهميده حسين مطابق ”مورو ڪوهستاني لوڪ گيت آهي، محبت ۽ مجازان جا مضمون آهن پيار جو پيغام پرين تائين پهچائڻ مقصد اٿس“.(17)

ڪمال جامڙي مطابق تہ ”مورو عورتون پرت پرين ٿيون، ان جو قسم آهي، جيڪو سهيلين جي سڪ ۾ چيو وڃي ٿو.“ (18)

عبدالڪريم سنديلي جو چوڻ آهي تہ ”مورو جي اصطلاحي معنيٰ آهي مور جهڙو يعني سهڻو گيتن ۾ مورو لفظ بار بار ڪم اچي ٿو.“ (19)

مطلب تہ جيئن مور پکي سهڻو آهي، انهيءَ جي ڳچي سهڻي هوندي آهي، اهڙي نموني مورو لوڪ گيتن ۾ سهڻو آهي. مورو ۾ محبوب جي سِڪ يا اڪير کي پيش ڪرڻ لاءِ ان کي نالو مورو ڏنو

ويو آهي. ڪن محققن جو رايو آهي تہ سنڌ جا جوڪيا ۽ برفت وغيره بلوچستان ويا ۽ اتي مورو عام جام هو اهڙي نموني سان اهي بہ ڳائڻ لڳا. جڏهن واپس سنڌ ۾ آيا پوءِ ان کي سنڌ ۾ ڳائڻ لڳا. مورو حقيقت ۾ نڙ بيت سان مشابهت رکي ٿو جهڙي طرح نڙ بيت ۾ ڪنهن جي سِڪ، اڪير يا درد سمايل هوندو آهي، ساڳي نموني سان مورو ۾ بہ درد، فراق، انتظار ۽ بيقرار جا موضوع سمايل هوندا آهن.

مورو لوڪ ادب جي مشهور صنف آهي. مورو لفظ بابت ڪيترين ئي روايتون ملن ٿيون. ڪي چون ٿا تہ مورو ڪو شهر آهي جيئن هڪ مورو ۾ لکيل آهي.

**حاڪم موري موڪل ڏي**

ڪن جو چوڻ آهي تہ مورو نالي هڪ مرد هو ان جي جدائي ۾ ڪنهن عورت اهو گيت ڳايو آهي جيئن.

**مورو ويئي ڏيان**

ڪنهن جو چوڻ آهي تہ اهو نالو مور پکي جي ڪري مٿس پيو آهي. موري ۾ مختلف وراڻيون هونديون آهن.

**1. حاڪم موري موڪل ڏي**

**2. مورو ناهي ٿورو مورو ويئي ڏيان**

مورو بلوچن جوڳين جو گيت آهي ۽ اهو جوڳين، پالارين ۽ خاصخيلين ۾ عام آهي اڄ بہ اهي ماڻهو مڇ ڪچهرين ۾ مورو ڳائيندا آهن. 'مورو' ڳائڻ جا مختلف طريقا آهن. موضوع مطابق تہ عورت جي زباني چيو ويجي ٿو پر ڊاڪٽر سنديلي مطابق، ”ڪچهريءَ ۾ مورو هڪ جڻو يا بہ جڻا، واري وٽيءَ تي ڳائي سگهن ٿا. هڪ موري جو بند چئي پورو ڪندو تہ ٻيو جڻو ٻئي بند کي ڪٽي وٺندو، اهڙي طرح ٻنهي جي وچ ۾ گويا چٽاپيٽي ٿي ويندي.“ (20)

موري گيت ۾ جبل تي جيڪي شيون هونديون آهن ان سان تشبيھ ڏني ويندي آهي. جيئن.

جبل مٿي ڳيرو دل ڪاڏو آ گهيرو
جبل مٿي ٽڪر ڏاڍو اوکو آ عشق جو چڪر.

فني گهاڙيٽي مطابق، مورو غزل جي فارميٽ ۾ بہ هوندو آهي تہ وراڻي جي صورت ۾ بہ، اهو وائي جي صورت ۾ هوندو آهي.

جيئن ڪلاسيڪل صنف وائيءَ جو سڄو دارومدار وراڻي تي هوندو آهي. اهڙي ساڳي نموني سان موري ۾ بہ وراڻي ٿيندي آهي، جيڪا سڄي موري جي روح جي تسلسل کي ڳنڍي ٿي. سگهڙ ۽ ڏاهپ وارا درد جي ڪيفيت کي اهڙي نموني بيان ڪندا آهن، جو اچرج اچي وڃي ٿي تہ ڪيئن هو انهيءَ ۾ رس ۽ رچاءُ پيدا ڪن ٿا. مورو ۾ جلال ڪٽي جو نالو مشهور آهي. هتي سندس چيل مورو جو بيت ڏجي ٿو:

تنهنجي آهيان ٻانهي تون تہ مان جو آ جاني
وڻ جي چون ٿا ٽاري اڱئين آهيان ماري
جبل مٿي هاٿي سڄڻ منهنجي دل آ ڦاٽي
اي سڄڻ تولاءِ منهنجو
جبل مٿي لڪ منهنجي دل ۾ تنهنجا ڏک
اي سڄڻ مورو تنهن لاءِ منهنجو

جبل متي ڳاهہ منهنجو توسان ساهہ
اي سجڻ مورو تولا منهنجو."(21)

هن سٽ ۾ "مورو تولا منهنجو" جيڪا وراڻي آهي، جيڪا سڄي بيت جي تسلسل کي ڳنڍي ٿي. جلال ڪٿي ڪانسواءِ طالب پالاري جو نالو بہ مشهور آهي جيڪو مورو ڳائيندو آهي.

موري جي هر سٽ ۾ بہ قافيا هوندا آهن. جيئن پهرين سٽ ۾ "ٻانهيءَ ۾ جاني" ٻئي سٽ ۾ "تاري ۾ ماري" ان کان پوءِ ترتيب وار "هاٿي ۾ ڦاٿي" "لڪ ۾ ڏڪ" "ڳاهہ ۾ ساهہ" هن شاعريءَ ۾ فطري تسلسل ردم ۾ رواني آهي، حالانڪ ان دور ۾ عام ماڻهن کي علم عروض جي ڄاڻ نہ هئي، پر فطري طرح، انهن جي شعور ۾ ٻوليءِ بابت جيڪا ڄاڻ هئي. ان مطابق اها ڏاهپ ۾ ڄاڻ شاعريءَ ۾ ظاهر ٿئي ٿي. موري جي فني گهاڙيٽي کي ڪنهن بہ هڪ صنف جو نالو ڏيڻ ڏکيو ٿو محسوس ٿئي.

مورو سڪ ۾ اڪير جي اظهار جو پيغام بہ آهي تہ محبت جو اظهار بہ آهي. موري ۾ نهايت حساسيت سان لطيف جذبا بيان ڪيل هوندا آهن. جيڪي ٻڌندڙن تي پڻ اها ڪيفيت طاري ڪري ڇڏيندا آهن. جن ڪيفيتن مان شاعر گذري رهيو هوندو آهي.

## نڙ بيت

نڙ بيت لوڪ سنڌي شاعري جي هڪ مشهور ۽ معروف صنف آهي، جنهن هر دؤر ۾ پنهنجو پاڻ مڃرايو آهي، ۽ هر دؤر ۾ پنهنجو اثر قائم رکيو آهي. نڙ بيت جي خاص ڳالهہ اها آهي تہ نڙ بيت، شاعري بہ آهي تہ ساز بہ آهي. هي شاعري ۽ سر ساز جو انوکو سنگم آهي.

نڙ نہ صرف سنڌ جو پروچ اوپر جو قديم تاريخي سازآهي. قديم دؤر جي انسان لاءِ جهنگ ۾ جبلن جي اڪيلائيءَ ۾ نڙ، وندر ۽ ورونهن جو موثر ذريعو هو. ائين ٿو محسوس ٿئي تہ انسان پنهنجي اڪيلائيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ پاڻ کي وندرائڻ لاءِ نڙ ايجاد ڪيو جيڪو پنهنجي تيز آلاپ سبب جهر جهنگ پکڙجي مشهور ٿيو.

مشهور محقق ناظم خضر پنهنجي مقالي Narh-the desert flute of Pakistan ۾ لکي ٿو تہ:

"Reed flutes have been commonly used across the middle east, central asia and the surroundings areas. Narh is therefore very important in the history of reed instruments serving as a link between modern and prehistoric music. Narh's music is linked to love, parting and pain as per the folk traditions and comes into light in the story of Yousif Zulaikha. Narh is also linked to the famous sufi poet shams Tabriz and probably is related to the middle eastern ney in this sense which is an established instrument of sufi orders specially in turkey .narh was also mentioned in his poetry by great sufi poet pf Sindh ,Hazarat Shah Abdul Latif Bhitaai and the famous poem from Rumi ,Ney Namih ,, which talk about lover's separation , personified in reed , from the beloved as, a ney is separated from the reed-bed and produces songs of longing. "

ترجمو:

بانس عام طور تي وچ اوڀر وچ ايشيا ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي.

وچت وارن سازن جي تاريخ ۾ نڙ، جديد ۽ قديم دؤر جي سازن جي وچ ۾ اهميت رکندڙ ڳانڍاپو آهي. نڙ اهڙو ساز آهي جنهن جو تعلق درد ۽ محبت سان آهي. علائقائي روايتن مطابق

يوسف ۽ زليخا جي داستان جي روشنيءَ ۾ آيو. نڙ مشهور صوفي شاعر شمس تبريزي سان پڻ ڳنڍيل آهي ۽ ممڪن آهي تہ وچ اوڀر ۾ "ني" سان تعلق رکي ٿو جيڪا خاص طور تي ترڪيءَ ۾ صوفي طريقي جو هڪ قائم ڪيل ساز آهي. نڙ جو ذڪر سنڌ جي عظيم شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ بہ آهي ۽ روميءَ جي مشهور نظم Nay Naim, جنهن ۾ محبوب جي جدائي ۽ ان جي شخصي تصور جي باري ۾ ڳالهايل آهي جيئن " نئين سر كند كان ڏار آهي ۽ گيت ڳائي ٿي." (22)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي ڪتاب "نڙ جا بيت" ۾ نڙ جي باري ۾ لکي ٿو تہ " اصل ۾ هي ترڪن جو گيت آهي جيڪو ترڪيءَ مان بلوچي ۽ بلوچيءَ مان سنڌيءَ ۾ داخل ٿيو. جيڪي اڪثر نڙ ۽ ڪانيءَ تي آلاپجن ٿا ۽ انهيءَ لحاظ سان اهي سنڌيَ شاعريءَ ۽ ادب ۾ لوڪ گيتن جو درجو رکن ٿا. اهي بيت عموماً نڙ جا بيت سڏجن ٿا حالانڪ . نڙ بيتن جي ڪچهرين ۾ انهن کي صرف عام سنڌي شاعري جو نج ۽ نادر نمونو سمجهيو ويندو آهي. جنهن ۾ عوام جي شاعرن پنهنجي ڀرپاڙيءَ جي عام فهم مگر شاهوڪار ٻوليءَ ۾ عوامي زندگيءَ جي هر پهلوءَ کي ڳايو ۽ وڄايو ويندو آهي.(23)

شاهہ عبداللطيف پڻ نڙ بلوچن جي ويجهي قبيلي جتن جو ساز ڪري لکيو آهي مثال طور لکي ٿو تہ:

"جا وڄائن جتڙا نہ تنهن نڙ جهڙي" (24)

نڙ بيتن جا موضوع مخصوص نہ آهن پر. نڙ بيت جيئن جو تيئن ڪچهرين ۾ ۽ ڳڏجاڻين ۾ ڳايو ويندو آهي. ان ڪري ان جي موضوعن ۾ گوناگونيت آهي. پراڻا ڪلاسيڪي قصا ٻڌائڻ کان وٺي مذهبي موضوع پڻ نڙ بيت ۾ شامل هوندا هئا. نڙ بيتن وسيلي شرعي مسئلن جي ڄاڻ پڻ ڏني ويندي هئي.

## فني گهاڙيٽو

جيستائين فني گهاڙيٽي جو تعلق آهي. نڙ بيت هر دؤر ۾ پنهنجون صورتون بدلايون آهن. پر سنڌ جي ڪلاسيڪل شاعرن مثال طور ميين عنات رضوي, شاهہ ڀٽائي يا لطف الله قادري جي شاعري ۾ بيت ستن اٺن سٽن تہ ڪٿي پندرهن سورنهن سٽن ۾ بہ ملن ٿا. ماهرن جي راءِ موجب اهي نڙ بيت جا شروعاتي اهڃاڻ آهن. جن اڳتي هلي هڪ الڳ صنف "نڙ بيت" جي صورت اختيار ڪئي. نڙ بيت کي ڪبت بہ چيو وڃي ٿو.

نڙ بيت جي آخر ۽ وچ ۾ قافيو ايندو آهي. ان ۾ سلسليوار موضوع جي ڪڙي ڪڙي سان مليل هوندي آهي. نڙ بيت بابت اسان کي تاريخ جا بہ حوالا ملن ٿا. جن جي آڌار تي نڙ بيت جي شروعات جو ثبوت ملي ٿو هڪ مثال جنهن جو مٿي مختصر بيان ڏنو ويو آهي يعني بيبي زليخا ۽ يوسف وارو قصو جنهن ۾ چيو وڃي ٿو تہ بيبي زليخا حضرت يوسف جي سڪ ۾ جنهن جاءِ تي وضو ڪيو هو. ان پاڻي مان اهو ٻوٽو (ڪنگور) ڦُٽي نڪتو هو. ڪن جو وري هي خيال آهي تہ جڏهن حضرت

شمس تبريز جي ڪل لاٿي ويئي هئي تہ پوءِ هو جهنگل ۾ رهندو هو ۽ اهو ساز هڪ ڪاٺي جي شڪل ۾ وڄائيندو هو ڪن جو هي بہ چوڻ آهي تہ اهو ترڪي وارن جو ساز آهي ۽ اهي ئي ان جا مؤجد آهن.

اصل ۾ نڙ هڪ ساز آهي ، جيڪو ڪنگور جي ٻوٽي مان ٺهندو آهي، ڪنگور جي ٻوٽي جا پن پٽي ڪاٺي مان ڇپ ڪڍي ان کي پورو ڪيو ويندو آهي ۽ پوءِ ان جي مٿان اڳڙيون ويڙهي ان کي باهہ ۾ لوساتيو ويندو آهي ۽ پوءِ سيخ تپائي ان ۾ سوراخ ڪيو ويندو آهي. نڙ هڪ درديلو ساز آهي جنهن جو آواز ڏک ۽ غم جي ڪيفيت کي ظاهر ڪندو آهي. نڙ ساز ايترو تہ مشهور آهي جو رومي پنهنجي مثنوي ۾ بہ ٻي ڏڙڪ ڇيو تہ:

"بشنو از نئي چون حڪايت مي ڪنند
از جداي ها شڪايت مي ڪنند."

يعني تہ: نڙ کان ٻڌو تہ هو ڪهڙي ڳالهہ ٿو ڪري، هو جدائي جي (درد جي) دانهن ٿو ڪري.

جڏهن تہ ڀٽائي صاحب نڙ جي ان درد جي ڪيفيت کي پنهنجي شاعريءَ ۾ هيئن بيان ڪري ٿو تہ:

"وڏيل ٿي وايون ڪري ڪُنل ڪوڪاري
هن پڻ پنهنجا ساريا هي هنجون هڏن لاءِ هاري." (25)

نڙ ساز هڪ اهڙو ساز آهي جنهن جو اثر دل کي جهوري ۽ ڪوري وجهندو آهي هڪ روايت هي بہ ملي ٿي تہ" سپ کان منو نڙ ساهڙ جام نگامري يعني ميهار سهڻي جي جدائي ۾ وڄايو هو.

نڙ نہ رڳو درد جي علامت طور ڳايو وڃي ٿو پر زخمن جي مرهم پٽي بہ ڪري ٿو. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ نڙ بيت جي موضوع بابت لکي ٿو تہ "نڙ درد فراق ۽ بيقراري جو آواز آهي." (26 )

نڙ بيت جا اهڃاڻ جپاني شاعريءَ مان بہ ملن ٿا:

مثال جڏهن نر کي هٿ لايان ٿو،
تہ ان مان سڏڪا نڪرن ٿا،
ائين تہ ڪونهي تہ ان جي پورن ۾،
منهنجي زال جو روح لڪو وينو آهي؟"(27)

سنڌي ۾ نڙ بيت کي عروج ڏيڻ وارا شاهہ ڪبير ساوڻ فقير، مولابخش خاصخيلي، محمود شيخ ۽ ٻيا آهن. پر انهن ۾ ساوڻ فقير جا نڙ بيت تمام گهڻا مشهور آهن.

ساوڻ فقير 75_ 1870 ۾ ڄائو ساوڻ فقير ذات جو خاصخيلي هو ننڍي هوندي مال چاريندو هو. هن کي ننڍي هوندي کان ئي بيت ٻڌائڻ جو شوق هوندو هو. رات جي وقت محفلن ۾ ويندو هو ۽ اتي بنا حجاب جي بيت ٻڌائيندو هو. ڪن جو خيال آهي تہ علي خان ڪورائي جي چوڻ تي نڙ بيت چوڻ لڳو. روايت مطابق ساوڻ فقير ساوڻ جي مهيني ۾ ڄائو انهي ڪري سندس نالو ساوڻ رکيو ويو. جڏهن، وبائي بيماري ۾ هن جي زال ۽ ٻہ ٻار گذاري ويا تڏهن انهي ڏک مان هن نڙ بيت چيا. ڇو تہ نڙ جا بيت ڏک، درد ۽ غم جا آلاپ هوندا آهن.! هڪ ٻي روايت آهي تہ ڳوٺ بخشي ديري ۾

هڪ حَسين ڇوڪري ڏٺائين، جنهن تي فدا ٿي پيو. ڪي چون ٿا ته سامين جي سري ۾ نمائي نار ڏٺي هئائين، جنهن تي اکن ڇڪن ٿي پيو هو ۽ ان جي فراق ۾ بيت چيائين. ان سان گڏ هڪ روايت هي به آهي ته ان سندس پاڻ جيئو به سخت بيماري جي حالت ۾ فوت ٿي ويو هو سامين به سرو ۽ ٻوجن ڪي ويندو ڏسي هي مڙس ماندو ٿي پيو ۽ خالي ٿاڪ ۾ ٿاٽا ڏسي چيائين ته:

سامي سفر هليا، خان هليا ڪائين
ڏسيو اڳڻ آديسين جا ويئي واجهائين
جوڳي منهنجي جان تي، ويا دونهون دکائي
تن سنگهارن ڪي ساوڻ چئي وينس وجائي
ساوڻ تنهنجي سڪ منجهان آديسي آيو
پائي چيو ٻانهي ڪي ويندل ورايو.

چوندا آهن ته. ساوڻ فقيرايڏي سڪ ۽ درد واري ڪيفيت ۾ نڙ بيت ڳائيندو هو جو جڏهن نڙ بيت ڳائيندوهو. ته انهيءَ وقت سندس قميص لٽل ۽ گوڏا ڪوڙي ڪنن ۾ آڱريون وجهي پوءِ ڳائيندوهو ۽ انهيءَ ڪانسواءِ سيارو هجي يا اونهارو دلو پاڻي جو پريل هوندوهو. جنهن مان ٿوري ٿوري دير ڪان پوءِ پاڻي پيئندو رهندو هو. جلدي جلدي پاڻي پيئڻ جو مقصد ايڏو درد هوندو. جنهن سان هو ڳائيندو هو. الانا صاحب مطابق ته "ساوڻ فقير جوش ۽ جذبي وچان بيت چوندو هو ڪلام چوندي بدن ۾ ايڏي ته باهه وٺي ويندي هئس جو هر بيت ڪان پوءِ پاڻي جو وٽو ضرور پيئندو هو."سڙيو مران ساوڻ چوي" يا "سورن ۾ آهيان ساوڻ چوي" سان سندس جسم جا وارا ُپا ٿي ويندا هئا. فقير جي ڪلام ۾ تڙپ، جوش ۽ جذبو گهڻو هوندو آهي." (28)

ساوڻ فقيرڪيترن ئي موضوعن تي نڙ بيت ڳايا آهن. جيئن عمرمارئي، زال ۽ ٻارن جي وڇوڙي، سسئي پنهون جي ڪيفيت ڪي درد واري انداز نڙ بيت ۾ ڳايوآهي. ساوڻ فقيرجي نڙ بيتن ۾ تصوف، درد، فراق، وصال لاءِ واجهائڻ، سڪ، تڙپ، اڪير، نبين ۽ ولين جا واقعا تمثيلي توڙي ظاهري صورت ۾ ملن ٿا. فني توڙي فڪري حوالي سان اهي بيت چند وديا تي آڌاريل آهن. جن ۾ رسيلا لفظ ۽ وڻندڙ قافيا موجود آهن. مثال هيٺئين نڙ بيت ۾ ڪاهوڙين جو ڪهڙو نه دلڪش منظر پيش ڪيو اٿس.

## نڙ بيت ۽ موري ۾ ڪجهه هڪجهڙايون:

جيئن ته مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون ته نڙ بيت توڙي ساز ٻئي درد ۽ وڇوڙي جي علامت طور ڳايا ۽ وڄايا وڃن ٿا. ساڳي طرح لوڪ گيت مورو به مجازي محبوب جي درد ۽ وڇوڙي جي ڪيفيت ۾ پري ويل سڄڻن ڪي سارينديء نينهن جا نياپا موڪلڻ سان گڏ مختلف حوالن سان پنهنجي اندرجي غم ڪي دانهن جي صورت ۾ لکيل ملي ٿو:

مثال مائٽن مٽن جي ياد ۾ چيل مورو

پري اٿم پيڪا، رب رضا تي جيڪا
جاني مورو ويني ڏيان
پيٽ هنجون هاري، پائر پينر ساري
جاني مورو ويني ڏيان

محبوب کي ياد ڪندي هن طرح مورو ڏيئي ٿي

اٿ تہ تنهنجو ڳاڙهو هنئي دل جو ڏاڙو
مينهن جي چون پني تنهنجي قرب ڪني
پکي چون ڪانگو سڄڻ لاءِ ٿئي سانگو
هنجون تولاءِ هاري ڏکيا ڏينهن گهاري
جانب مورو ويني ڏيا(29)

مورو بنيادي طور تي هڪ نياپو آهي، جيڪو عورت جي زباني ڏنو ويجي ٿو. نڙ بيت ۾ پڻ عورت جي جذبن جي تاريخي يا نيم تاريخي رومانوي داستان جي ڪردارن ذريعي بيان ڪئي ويئي آهي، جنهن جا موضوع ساڳيا هجرو فراق جي درد سان ڀريل نظراچن ٿا. مثال سسئي جي دربدر ھ ئڻ واري درد کي ڪيڏو نہ اثر انگيز ڪيفيت هيٺ بيان ڪيو اٿس تہ:

سرتيون پرتيون رب کي آءُ هن اڄوڪي
قسمت مون کي قيد ڪري رات هن روڪي
سج لهي سانجهي تي ڪئي چنڊ بہ چانڊوڪي
مرڪي ڏينم مهڻا، تاربہ نوڪي
ڪلهي ڦاٽم ڪنجرو، ٻڏان ڪيئن ٻوڪي
چوڙيان ڪيئن چپر ۾، ڪمر ڪالهوڪي
سڄي تي، ساوڻ چوي اها منزل مهندوڪي
پنهل پاندوڪي، وڃي ٿيو وڻڪار ۾
(ساوڻ فقير) (30)

يا وري مارئي جي وطن جي سڪ ۾ مارن لاءِ اڪير کي هيئن بيان ڪري ٿو تہ:

سرتيون وڃن سڱر مٿ تي، ونيوگهيڙ گهٽيون گهٽڙا
آءُ لوئي ڪيئن لاهيان، پهريان ڪيئن پٽڙا
سونهن ٿا سگهارن کي، ڪي لڱن تي لٽڙا
تنهنجا سڱ نهن سومرن سان مارو نہ اٿئي مٽڙا
شل پيان وڃي پنهوارن سان، ڪي ڪاهڙ ۾ ڪٽڙا
عمر ڪٽي آيو ڪوهہ تان، هٽي جهنگن مان جهٽڙا
پنهوارن پنڙا آءُ چمان شال چپن سان
(مولا بخش خاصخيلي) (31)

## حاصل مقصد

لوڪ گيتن جي سونهن سندن سادگيءَ هوندي آهي نج لفظ، نج جذبا ان شاعريءَ کي دوام بخشي ڇڏيندا آهن. لفظن ۽ آثارن جو سنگم انهن سُرن ۽ آلاپن کي وڌيڪ امر بڻائي ٿو ڇڏي، جيئن تہ لوڪ بيتن جو تعلق انساني جذبن ۽ احساسن سان آهي، ان ڪري سيني صنفن جو هڪ ٻئي سان ڳانڍاپو فطري آهي. مختلف علائقن ڪلچر ۽ ٻوليءَ جي توڙي گهڻي رڏم جي فرق سان گهاڙيٽي جي فرق سان مختلف صنفون پنهنجن علائقن ۾ مروج ۽ مقبول آهن.

موروءَ نڙ بيت جو سنگم درد ۽ فراق جو سنگم آهي، وڇوڙي ۽ جدائي جو سنگم آهي، انتظار ۽ محبت جو ميلاپ آهي، محبوب جي جدائيءَ جي پيڙا، ملڻ جي سڪ ۽ اڪير جو اظهار آهي. بقول ڊاڪٽر سنديلي جي تہ ”مورو ساز تي توڙي ساز بنا ڳائي سگهجي ٿو پر نڙ تي وڌيڪ لئي رکي ٿو دلي ۽ سرندي تي بہ ڳائي سگهجي ٿو ۽ مرد توڙي عورتون ٻئي ڳائي سگهن ٿا. (32)

’موري‘ جي پيڙا کي نڙ جا سُر ۽ ساز جي لئي سان دلين کي ڪٽي وٺن ٿا. نڙ بيتن جي جهونگار ’موري‘ ۽ ’نڙ بيتن‘ جي موضوعاتي هڪجهڙائي ،علائقائي فرق جي باوجود ٻنهي صنفن کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻي ٿي ڇڏي. انهن صنفن تي اجان بہ وڌيڪ تحقيق جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي.

## حوالا:


1. نظاماڻي، الله بخش (1981) سنڌي لوڪ ادب جي ارتقائي تاريخ انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي

2. Encyclopedia Britannica V: 1 p. 455

3. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر (1981). لاڙجي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ: ڊي فل(سنڌي) ۾ پيش ڪيل ٿيسز، انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالاجي ڄامشورو ص 243

4. انسائيڪلو پيڊيا برٽينڪا جلد 9، ص. 444

5. انسائيڪلو پيڊيا آف آمريڪا 1855ع

6. بلوچ، نبي بخش، 1995ع، سنڌي لوڪ ڪهاڻيون جلد 7، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ص ب

7. سنديلو عبدالڪريم جنوري (1992)، وينجهار، سنديلو اڪيڊمي لاڙڪاڻو

8. مرلي ڌر جيٽلي، ميمڻ سليم ڊاڪٽر، ڪلاچي تحقيقي جنرل، سنڌ ڌرتيءَ تي لوڪ ادب جي اوسر جا اهڃاڻ، ڪلاچي تحقيقي جنرل ڪراچي ص 22

9. سنديلو، عبدالڪريم (1986)، لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو ص 2

10. ايضاً ص 4

11. نظاماڻي، الله بخش (1971)، سنڌي لوڪ ادب جي ارتقائي تاريخ: انسيٽوٽ آف سنڌالاجي، ص 4

12. شيخ اياز (1999ع) خط انٽرويو تقريرون: نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد ص 279

13. راءِ چند چيلهار، (1961). مهراڻ 4 سنڌي ادبي بورڊ ص،138
14. فياض لطيف (2017). ترتيب ۽ شيخ اياز جي شاعري جو جديد مطالعو: پوپٽ پبليڪيشن ص 288
15. بلوچ. لوڪ گيت: سنڌي ادبي بورڊ 1965 ص 51
16. ڊاڪٽر فهميده حسين. (1993). شاهه لطيف جي شاعري ۾ عورت جو روپ شاهه لطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز حيدرآباد ص 15
17. ڄامڙو ڪمال، (2008) سنڌوءَ جا گيت، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ
18. سنديليو. ڊاڪٽر عبدالڪريم (1973) لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي،. ص 393
19. ايضاً 393
20. ايضاً ص 394
21. Nazim Khizer ‘Narh-the desert flute of Pakistan https://www.yumpu.com/en/document/read/18959377/article-on-narh-flute-by-nazim-khizar-bozdar
22. بلوچ. نبي بخش (1995). نڙ جا بيت سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو
23. ايضاً
24. ايضاً ص 20
25. ايضاً ص21
26. ايضاً
27. پليجو. رسول بخش (2004) اوهانجي پڄاڻان سنڌي ساهت گهر حيدرآباد
28. الانا. غلام علي (1981) لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ: ڊي فل(سنڌي) ۾ پيش ڪيل ٿيسز انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالاجي 1977 ص 254
29. بلوچ نبي بخش، (1995) نڙ بيت سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو
30. ايضاً
31. ايضاً (1993). شاهه لطيف جي شاعري ۾ عورت جو روپ ڊاڪٽر فهميده حسين شاهه لطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز حيدرآباد ص 106
32. بلوچ، نبي بخش نڙ جا بيت ص13
33. ايضاً ص 198
34. سنديلوعبدالڪريم، (1973ع) لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي،. ص 393.